SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 2002

SINDH ORDINANCE NO.VI OF 2002

سنڌ ايريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH IRRIGATION AND DRAINAGE AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1997 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IV جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Act No.IV of 1997

3. 1997 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IV جي دفعه 23 جي ترميم
Amendment of section 23 of Sindh Act No.IV of 1997

4. 1997 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IV جي دفعه 26 جي ترميم
Amendment of section 26 of Sindh Act No.IV of 1997

سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO. VI OF 2002
سنڌ ايريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 2002
THE SINDH IRRIGATION AND DRAINAGE AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[13 فيبروري 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ايريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي ايڪٽ، 1997 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ايريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي ايڪٽ، 1997 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.
(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1997 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IV جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Act No.IV of 1997

2. سنڌ ايريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي ايڪٽ، 1997 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ۾ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (h) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(h) هاري تنظيمن جا پنج نمائندا ٿي سکر بئراج ڪمانڈ مان ۽ هڪ گڏو بئراج ڪمانڈ ۽ هڪ ڪوٽڙي بئراج ڪمانڈ مان، بشرطيڪ جتي هاري تنظيمون جوڙيل نہ آهن تہ اهڙا ميمبر اٿارٹي طرفان چونڊيا ويندا.	ميمبرز

1997 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IV جي دفعہ 23 جي ترميم
Amendment of section 23 of Sindh Act No.IV of 1997

3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 23 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (a) ۾، لفظ "۽" لاءِ لفظ "چار" متبادل ٿيندو.

1997 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IV جي دفعہ 26 جي ترميم
Amendment of section 26 of Sindh Act No.IV of 1997

4.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 26 ۾، لفظن "باءِ لاز" کي ختم ڪيو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي